# محمد علي قاضي

مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ڪي. ٽي. اين. (K.T.N.)
دنيا جو پهريون سنڌي ٽي. وي. چينل
سمپادڪ، ’ڪاوش‘ (سنڌي روزانہ اَخبار)




Mohammad Ali Qazi
*Managing Director*- KTN (Sindh);
World’s First Sindhi Satellite Channel &
*Editor,* ‘Kawish’ (Sindhi Daily)

آزاديءَ جي سورج اُڀرڻ سان هندوستان جي سمورن باشندن سُک جو ساهه کنيو؛ پر اُن وقت سنڌ جون حالتون اَهڙيون نه ڏکيون بڻجي پيون، جو صدين کان گڏ رهندڙ سنڌي سڀاجهڙن کي ڌرم ۽ مذهب جي بنياد تي حالات جو شڪار ٿي هڪ ٻئي کان ڌار ٿيڻو پيو. ڀارت ۾ سنڌي ماڻهو معاشي للکار کي منهن ڏيندا رهيا ته سنڌ ۾ باقي رهيل سنڌين کي پڻ ثقافتي ۽ اَدبي طوفان ڏوڏي چڙهيو.

ڀارت ۾ سنڌين پنهنجي محڪم ارادي همت، محنت ۽ جفاڪشيءَ سان هڪ باعزت مقام حاصل ڪيو، ته سنڌ جي سنڌين وري اَدبي ۽ ڪلچرل ميدان ۾ بلندي ماڻي. ڪجهه سال اڳ دنيا جي پهرئين سنڌي سيٽلائيٽ چئنل ‘KTN’ جو سنڌ ۾ آغاز ٿيو.

اسين اُن ‘KTN’ چئنل جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ روزانه اخبار ’ڪاوش‘ جي ايڊيٽر، **جناب محمد علي قاضيءَ** جي آجيان ٿا ڪريون.

**جوَهراڻي:** **سڀ کان پهرين اِهو ٻڌائيندا تہ اَوهان کي روزانہ اَخبار ’ڪاوش‘ شايع ڪرڻ جو ويچار ڪيئن آيو؟**

**قاضي:** سائين! جرنلزم اَسان جو فيملي پروفيشن آهي. اَخبارون پهرين بہ هيون، پر ۱۹۸۹ع ۾ مون ڪوشش وٺي پهريون پيرو هر شام جو نڪرندڙ هڪ روزانہ پيپر ڪيڍڻ شروع ڪيو. پوءِ جلد ئي ۳ آگسٽ ۱۹۹۰ع تي ’ڪاوش‘ روزانہ اَخبار شروع ڪئي ويئي. ’ڪاوش‘ اَخبار پنيان مقصد اِهو هئو تہ پاڪستان ۾ جيئن تہ نيوز پرنٽ ڏاڍي مهانگي آهي، تنهن لاءِ مون ‘Low Price News Paper’ پئي ڏيڻ چاهيو. اَسان اِهو پئي چاهيو تہ اَخبار صرف اَميرن تائين محدود نہ هئڻ گهرجي، پر هڪ عام ماڻهوءَ تائين بہ پهچي. ايتري قدر جو اَسان جو مواد بہ عام ماڻهوءَ سان وابستہ هوندو آهي. خدا جو شڪر آهي تہ ۳ آگسٽ ۱۹۹۰ع تي هيءُ پيپر نڪرندي صرف ٽن مهينن جي عرصي ۾ ئي ’Largest Circulation Daily of Pakistan‘ بڻجي پيو.

**جوَهراڻي:** **توهان جي طرفان اَخبار نويسيءَ جون خدمات انجام ڏيندي ڇا پرنٽ ميڊيا ۾ ڪجهہ بدلاءُ آيو؟**

**قاضي:** ها! ڪيترا ئي نوان Trends آندا ويا! اُن مهل تائين صرف سنڌي نہ، پر ٻين ٻولين ۾ بہ ‘Low Price Concept’ ڪانہ هئو.

Low Price, but Standard Newspaper؛ پيو تہ ٽيڪنيڪلي بہ پاڪستان ۾ سڀ کان پهرين فرنٽ پيج تي ڪلر پرنٽنگ ’ڪاوش‘ ئي متعارف ڪرائي. هاڻ تہ سڀ اَخبارون رنگين پيون نڪرن. ان کان سواءِ اَسان وٽ جيڪي مختلف Issues آهن، اُنهن لاءِ اَسان Pro-People رخ وٺندا رهياسين. ڪيترن Controversial Issues کي بہ ڇهيوسين؛ جن تي ڪير لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي جرئت بہ ڪونہ ڪندو هئو!

پيو تہ وڏن شهرن کي ٻيا پيپر بہ نمائندگي ڏيندا هئا، پر اَندرين ايراضين (Remote areas) ۾ پهچندي اُنهن کي بہ اَسان ساڳي اَهميت ڏني ۽ فرنٽ پيج تي ڪور ڪيوسين. اُنهن بابت

’ايڊيٽوريل‘ لکيا سين. ڇوڻ جو مقصد اِهو آهي تہ ضروري ناهي تہ جتي اَخبار جو وڪرو ٿئي ٿو، صرف اُنهن علائقن کي Focus ۾ رکيو وڃي.

**جوَهراڻي:** **پرنٽ ميڊيا کانپوءِ اِليڪٽرانڪ ميڊيا جي اَهميت جو اَحساس اَوهان کي ڪيئن آيو ۽ ‘KTN’ سيٽلائيٽ ٽي. وي. چينل جي شروعات ڪيئن ٿي؟**

**قاضي:** پرنٽ ميڊيا لاءِ تہ پڙهيل لکيل هئڻ ضروري آهي؛ پر اِليڪٽرانڪ ميڊيا اَهڙو ميڊيم آهي، جنهن تائين هڪ اَڻ پڙهيل جي بہ رسائي ٿي سگهندي آهي. KTN جي شروعات لاءِ سنڌي چينل تہ ڄڻ هڪ خواب هئو؛ پر هڪ ننڍي مارڪيٽ هئڻ باوجود بہ اَسان اُن کي شروع ڪيو.

**جوَهراڻي:** ‘KTN’ **چينل کي شروع ٿئي ساڍا ٽي سال ٿيا آهن. اُن دوران اَوهان ڪيتري ڪاميابي ماڻي آهي؟**

**قاضي:** سپ کان پهرين تہ اَسان چار ڪلاڪ روزانہ پروگرام شروع ڪيو. ٦.٠٠ کان ١٠.٠٠ تائين. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ميدان ۾ ايترو فني مواد بہ ڪونہ هئو. ايڪٽرس، رائيٽرس، ڊئريڪٽرس؛ ايتري سافٽ ويئر لاءِ تہ Manpower جي گهرج رهي ٿي! پر جيتري موٽ اَسان کي ماڻهن کان ملي؛ اها آءٌ لفظن ۾ نٿو بيان ڪري سگهان! شايد اَسان سان گڏ ماڻهن جو بہ اهو هڪ خواب هئو!

اَسان جو پروگرام صرف چار ڪلاڪ هلندو هئو؛ پر ماڻهو اُن کي اِئين ڏسندا هئا، تہ ٽي. وي تي جيڪو ڪجهہ بہ هلي، اُهو وڏي چاهہ سان ڏسڻو آهي! سماج ۾ ڪيترن ئي مسئلن تي تضاد هوندو آهي، پر KTN پهريون Issue هئو، جنهن کي سماج جي هر طبقي کان پنيرائي ملندي رهي. اَصل ماڻهن ۾ ايڏي وڏي حُب هئي تہ هيءُ ڪنهن بہ صورت ۾ هلڻ کپي! ڪامياب ٿيڻ کپي!

پهرين چار ڪلاڪ هئو، پوءِ ڇهہ ڪلاڪ ڪيوسين؛ پوءِ اَٺ ۽ پوءِ يارهن ۽ آخر ١ آڪٽوبر ٢٠٠٣ع تي پوري هڪ سال کانپوءِ اُن کي چوويهہ ڪلاڪن وارو چينل بڻايو ويو.

**جوَهراڻي:** **ڇا ’KTN‘ صرف سنڌي چينل ئي آهي يا ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ سان به وابستگي اٿس؟**

**قاضي:** هيءُ هڪ Entertainment چينل آهي. جنهن ۾ News به آهن، ڊراما به آهن، ميوزڪ به آهي، Talk Shows به آهن. اَسان جي طرفان هيءُ صرف سنڌي چينل ئي آهي. پر جيڪڏهن پنهنجي طرفان ڪيرُ اَچي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڳالهائي ٿو، ته اَسين اُن جي مٿان بندش نٿا وجهون. ليڪن هيءُ چينل خاص طور صرف سنڌي ٻوليءَ لاءِ آهي.

**جوَهراڻي:** **توهان ڪڏهن اَهڙي ڪا Survey ڪئي آهي ته ’KTN‘ جي ڏسندڙن ۾ صرف بزرگ آهن، يا سنڌي پروگرامن لاءِ نوجوانن ۾ به چاهه آهي؟**

**قاضي:** بزرگ ته اُن کي ڏسن ئي ٿا، پر نوجوانن جي اُن ۾ بيحد Involvement پئي رهي آهي. اَسان جي شادين توڙي ٻين خوشين جي موقعن تي هينئر ’KTN‘ جا سنڌي گانا پيا هلن. جڏهن ته ٽي سال اَڳ هر گهر ۾ هندي گانا پيا ٻڌبا هئا. اَهڙي طرح ماڻهن جي اُن چاهه کي ڏسندي ڇهه مهينا ٿيا آهن ته ’KTN‘ طرفان هڪ ٻيو چينل ’KASHISH‘ صرف سنگيت لاءِ به لانچ ڪيو ويو آهي؛ جيڪو چوويهه ڪلاڪ ئي صرف ميوزڪ کي ٽيلي ڪاسٽ ڪندو آهي. ان طرح هينئر اَسان کي ٻه سيٽيلائيٽ چينل آهن: ’KTN‘ ۽ ’KASHISH‘.

**جوَهراڻي:** **ڪٿي اِئين نه ٿئي ته نوجوان صرف ’KASHISH‘ سنگيت جو چينل ڏسندا رهن ۽ سيريس پروگرام نشر ڪندڙ ’KTN‘ وري اُنهن جي نظرن کان اوجهل رهجي وڃي؟**

**قاضي:** اَڄ جي دور ۾ ماڻهن کي Option ڏيڻ ضروري آهي. اَسين اُنهن کي Dictate نٿا ڪري سگهون. اَسان وٽ جيڪا Rating ٿئي ٿي؛ اُن موجب هينئر به ’KTN‘ جي ريٽنگ سنڌ ۾ نمبر وَن آهي ۽ No. 2 وري اُن کان تمام هيٺ آهي، اُن جي پرسان به ناهي! ريٽنگ ڪندي عمر جو گروپ به ٻڌايو ويندو آهي. ’KTN‘ تي نيوز، ڊراما ۽

ٻي انٽرٽينمينٽ به آهي، تہ اُن لاءِ نوجوانن کي چاهه رهي ٿو.

**جوَهراڻي:** **توهان وٽ سنڌي گيت به سنڌي تهذيب جي جهلڪ پسائيندڙ آهن يا صرف ونڊرَ ورونهن جي لاءِ آهن؟**

**قاضي:** ففٽي ففٽي آهي. انهن ۾ سنڌيت به آهي ۽ ڪجهه ٻيا پهلو به آهن. مثلا اَسان Pop گيت به ٺاهڻ شروع ڪياسين. جو آءٌ سوچيندو هوس تہ سنڌيءَ ۾ 'پاپ گيت' چونہ ٿا نهي سگهن. جيڪڏهن هرويرو پاپ گيت ٿي ٻڌڻو آهي تہ اُهو به اُردوءَ بدران سنڌيءَ ۾ ڇونہ ٻُڌن!

ان لحاظ کان اَسان هر Shade ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪجهه اَهڙا ڊراما آهن، جن ۾ اَسين ڪلچرل پس منظر کي Highlight ڪيون ٿا. هڪڙا ڊراما آهن جيڪي شهري ماحول سان وابستہ آهن ۽ اُنهن ۾ روزمره جا مسئلا اَچي وڃن ٿا.

آخر سنڌ به تہ اَڄ اُها ناهي، جيڪا پنجاه سال پهرين هئي. هاڻ سنڌ به ٻين سان گڏ ترقي ڪئي آهي. ڪنهن زماني ۾ پيل اَسان جا ماڻهو ڏيڳي گاڏيءَ تي هلندا هئا، پر هينئر اُنهن جي جاءِ تي 'Jeep' ۽ 'Pajero' اَچي ويئي آهي. سنڌ جيڪا پنجاه سال اَڳ ڏنيسين؛ اُها اَهڙي شيءِ تہ ناهي، جو اُن کي Preserve ڪري سگهجي. اُن ۾ وقت سان گڏ بدلاءُ اَچڻو ئي آهي.

**جوَهراڻي:** **اَوهان اِسٽوڊيو کان ٻاهر نڪري به ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ ثقافتي پروگرام ڪندا رهندا آهيو. اُن جو خيال توهان کي ڪيئن آيو ۽ اُنهن پروگرامن ڪرڻ جو مقصد ڇا آهي؟**

**قاضي:** اُن جي پنيان سڌو سنئون مقصد اِهو آهي تہ ڪجهه اَهڙا Events پيدا ٿيڻ کپن، جيئن اَسين ماڻهن کي موقعو ڏيون تہ هوُ به پنهنجي فيملي سان اَچن ۽ ميوزيڪل شام جو لطف وٺن. توهان ڪڏهن اَسان جي اَهڙن پروگرامن جي .C.D ڏسندا تہ ماڻهن جو اَنبوه ڏسي اَوهان کي يقين ئي نہ ايندو تہ هيءُ ثقافتي پروگرام آهي يا ڪنهن پوليٽيڪل پارٽيءَ جو ڪو وڏو جلسو ٿي رهيو آهي.

**جوَهراڻي:** **هڪ اَهم ڳالهه تہ اَوهان پنهنجي چينل ذريعي سنڌي هندو ۽ سنڌي مسلمانن جي وچ ۾ پيار وڌائڻ لاءِ جيڪو پيغام ڏيو ٿا، اُن لاءِ عام جو رايو ڇا آهي؟ ڇا اُن کي کُليءَ دل سان قبول ڪيو ويجي ٿو؟**

**قاضي:** رام! ڏاڍو قدر ڪيو وڃي ٿو! بلڪل کليءَ دل سان رام! ڇاڪاڻ تہ سنڌي تہ سنڌي آهي، پوءِ اُن جو مذهب ڪهڙو بہ ڇو نہ هجي. يا اُن جي اُپڀاشا (Dialect) ڪهڙي بہ ڇونہ هجي. رهڻي ڪهڻي مختلف ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن هڪ سنڌي آمريڪا ۾ رهي ٿو، تہ اُن جا طور طريقا بہ مختلف ٿي سگهن ٿا، پر پوءِ بہ اَسين اُن کي ’آمريڪن سنڌي‘ نہ؛ پر ’سنڌي‘ ئي ٿا سڏيون! پل هو اَجرڪ ۽ ٽوپي ڪونہ ٿو پائي. ساڳي ريت سنڌيءَ ۾ بہ ‘Sufism’ جو جيڪو مخصوص رنگ آهي، اُن ۾ مذهب سان گهٽ واسطو رهي ٿو. جيتوڻيڪ هر مذهب وارن کي پل پنهنجو ايمان هئڻ گهرجي؛ پر سنڌي ماڻهو رواداري ۽ باهمي ڀائيچاري ۾ اَعتقاد رکندڙ آهن.

اُن سبب اَسان بہ گهڻيئي Tele-films ٺاهيون، جيڪي ’ڪنور ڀڳت‘ تي بہ هيون تہ ٻين ڳالهين تي بہ هيون. پر آءٌ ايمانداريءَ سان چوان ٿو تہ اَسان جو مقصد ڪنهن تي ٿورو ڪرڻ نہ هوندو آهي. مونکي تہ اِهو ذهن ۾ بہ نہ اِيندو آهي تہ هيءُ ڪو اَلڳ بہ آهن؛ خود منهنجي اِسٽاف ۾؛ پوءِ اها ’ڪاوش‘ هجي يا ‘KTN’. هاڻ اَوهان ٿا ٻڌايو تہ اُهي ’هندو‘ آهن، تہ هاڻ آءٌ بہ سوچيان ٿو تہ هندو آهن! ليڪن اُنهن جو ڌرم ۽ ايمان هنن سان واسطو رکي ٿو. منهنجي لاءِ ايترو ڪافي آهي، تہ هوُ ’سنڌي‘ آهن. جيڪڏهن Talented ڇوڪرو يا ڇوڪري آهي تہ ان جو مذهب ڪهڙو بہ هجي، اُهو اُن جو ذاتي معاملو آهي.

**جوَهراڻي:** **توهان وٽ هاڻ ڪيترا ئي وسيلا آهن. توهان ڪڏهن سوچيو آهي، تہ اُنهن معرفت هند ۽ سنڌ جي ڪلاڪارن کي گڏي هڪ منچ تي پيش ڪري سگهجي ٿو؟**

**قاضي:** بلڪل! اِئين منهنجو پهرين بہ خيال هو. اَصل ۾ اَسان ڪوشش بہ

ڪئي. هتي هندوستان ۾ گهنشيام واسواڻي ڏاڍو سنو ڳايڪ آهي. اَسان ڪي دبئيءَ مان اُن جي C.D. ملي، جنهن مان اَسان ٻہ ڳانا اِستعمال بہ ڪيا. ساڳي طرح هتي اَڇڻ ڪانپوءِ تہ آءٌ وڌيڪ محسوس ٿو ڪريان تہ اُنهن فنڪارن ڪي Neutral Platform تي آڻڻ کپي. ٻنهي پاسن جا ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ سرحد پار ڪلاڪارن جو لطف ماڻي سگهن.

**جوَهراڻي:** **سنڌي تهذيب کي قائم رکڻ لاءِ ڇا سرڪار ڪان بہ هينئر مالي مدد يا سهوليتون ملن پيون؟**

**قاضي:** ها ! تنهن لاءِ ڪوشش ڪبي تہ اهو ڪم جلد ٿي سگهي!

**جوَهراڻي:** **سنڌ ۾ هڪ سنڌي اَديب جو ڪهڙو وجود آهي؟**

**قاضي:** جيئن ڪنهن بہ سماج ۾ هڪ اَديب کي بيحد عزت جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو، تيئن اَسان وٽ بہ اَديبن جي ڏاڍي Contribution رهي ٿي. آءٌ ڏسان ٿو تہ هر ڪنهن سماج ۾ اُنهن جي اَديبن جو هڪ اَهم رول رهي ٿو؛ ڇاڪاڻ تہ اُهي ذهني طور هڪ High Pitch تي رهن ٿا. اُنهن جا Subjects ۽ موضوع بہ هڪ ٻي ليول تي رهن ٿا. اُن لحاظ ڪان اَسان وٽ بہ اُنهن کي بيحد عزت جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو. اَسان وٽ تمام سٺا شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهن. پر ڪيترو سنو اَدب لکيو پيو وڃي، اُن لاءِ مان ان بحث ۾ نہ پوان تہ بهتر آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان محسوس ڪيو ٿا تہ اَسان جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جون ديوارون سُرڪي رهيون آهن؛ گويا سڀ ڌپ جي گهيري ۾ آهيون. جي ها، تہ ان لاءِ ڪنهن کي ذميوار ٺهرائجي؟**

**قاضي:** سائين! ان لاءِ ڪنهن کي بہ ذميوار چئي نٿو سگهي! اَگر ذميوار ڪير آهي تہ اُهو آهي 'وقت'! آخر اهو سڀ ڪجهہ ڪو Archive جي شيءِ تہ ناهي، جو اُن کي Preserve ڪري سگهجي. اَڄ جو ڇوڪرو - ڇوڪري Jeans پائي ٿو. ڇا اَسين اُنهن کي چئون تہ سندن لاءِ اِئين واجب ناهي. اَڄ اَسان جا پنهنجا ٻار انگريزي اِسڪولن ۾ پڙهن ٿا. اُنهن لاءِ اَسين ڇو نہ ٿا چئون تہ اُنهن کي سنڌي اِسڪول ۾ موڪليو وڃي.

دنيا ۾ جتي بہ ڏسو، جيڪي بہ عظيم ملڪ آهن؛ اُنهن جا نالا نہ ڪٽنديون بہ اُنهن جي سؤ سال پهرين واري رهڻي ڪهڻي اُها نہ هئي، جيڪا اَڄ آهي. خود اَنگريزي ٻولي ئي ڪٽي چئجي تہ اَڄ اَسان وٽ Shakespearean English ڪٿي آهي! ڪهڙو اِسٽيج رائيٽر اَڄ اها ٻولي لکي سگهي ٿو! وقت سان گڏ اُنهن شين کي تبديل ٿيڻو ئي آهي!

ڏسڻو اِهو آهي تہ سٺي ڪان خراب ڏي نہ وڃجي. اَگر سٺي ڪان مختلف سٺي ڏي وڃجي ٿو تہ اهو روا آهي. تبديلي تہ هڪ مستقل Phenomenon آهي. اَسين اُن ميدان ۾ ٿورو وڌيڪ پريشان رهون ٿا. اَڄ اَگر هڪ ڇوڪريءَ کي ڪنهن پوڙهي سان پرڻايو ويندو هو، تہ چئبو هو تہ جيئن مائٽن جي مرضي. ليڪن اَڄ اَگر هڪ ڇوڪري، مائٽن جي غلط فيصلي خلاف آواز اُٿاري ٿي تہ هاڻ ان کي ڇا چئجي! تہ اَسان جا Values بدلجڻ پيا! مان نٿو چوان تہ وڏن جي عزت نہ ڪرڻ گهرجي؛ پر جيڪڏهن ڪنهن چڱائيءَ لاءِ تبديل اَچي ٿي تہ صحيح آهي!

**جوَهراڻي:** **سنڌ ۾ عورت جو ڪهڙو مقام آهي؟ ڇا اڄ بہ ساڻس ظلم ۽ زيادتي ڪئي وڃي ٿي؟**

**قاضي:** سائين! اِن ٽريجڊي لاءِ توهان بہ مون سان يڪراءِ ٿيندا تہ اُهو صرف سنڌ يا پاڪستان جو سوال ناهي؛ بلڪ بنگلا ديش، اِنڊيا، برما ۽ آفريڪا ۾ بہ عورت کي هيٺو هجڻ ڪري ساڻس ظلم ۽ زيادتي ڪئي وڃي ٿي. ليڪن سنڌ ۾ ٽيہ چاليہ سال اَڳ جيڪا حالت هئي، جو عورت کي جيڪڏهن 'ڪاري' سڏيندا هئا تہ اُن جو ڪو ولي وارث ئي ڪونہ هوندو هئو. اَڄ ايترو ٿيو آهي، جو جيڪڏهن ڪو شخص اَهڙو عمل ڪري ٿو تہ قانون، اِسٽيٽ، سوسائٽي هن ڪان پڇاڻو ڪري ٿي. پر اَڃا ١٠٠% تبديل نہ آئي آهي . اُن جي باوجود بہ عورت تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي.

خود هتي يارت ۾ بہ مون ڪلهہ اَخبار ۾ پڙهيو تہ بمبئي جهڙي شهر ۾ عورت کي Tease ڪيو وڃي ٿو. اِئين تہ سنڌ ۾ نياڻيءَ

کي قرآن پاڪ کان به وڌيڪ درجو ڏنو ويو آهي. اُن کي ايتري مڃتا ۽ عزت ڏني وڃي ٿي؛ جو ڏه ڏه خون ٿيل هجن، پر نياڻي ميڙ ٿئي ته خون به معاف ٿيو وڃن. ليڪن اُن سان گڏو گڏ جهالت سبب عزت سان گڏوگڏ اُن کي دٻاءَ ۾ به رکيو ويو آهي. جيڪو عمل هاڻ بهتريءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي!

**جوَهراڻي:** **سنڌ جو عوام هينئر ڪيتري قدر سجاڳ آهي؟**

**قاضي:** پاڪستان ۾ مکيه چار ٻوليون آهن. بلوچي، پنجابي، پشتو ۽ سنڌي. نيشنل لينگئيج اُردو به آهي. اِئين ٻيون به گهڻيئي آهن: هندڪو، سرائڪي وغيره؛ پر ريجنل ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن سئٽيلائيٽ چينل شروع ٿيو ته اهو سنڌيءَ ۾ ‘KTN’ ئي هئو. ان کانپوءِ ٻين ٻولين ۾ شروع ٿيا. مان اُهو اِن ڪري ٻڌايان ٿو ته سنڌ جي عوام ۾ ڪيتري Awareness آئي آهي. جو ته ماڻهن جيڪا ‘KTN’ کي موٽ ڏني، اُها هنن جي سجاڳيءَ جو ئي نشان آهي.

اِها سجاڳي وڌي رهي آهي؛ جنهن ۾ ميڊيا جو به وڏو ڪردار رهيو آهي. International Affairs هجن يا ڪجهه به ٿئي ٿو ته اُن تي سنڌي عوام اوترو ئي Update رهي ٿو. اُتي جي ميڊيا به اَهڙي ڪوشش ۾ رهي ٿي ته عوام کي پوري طرح هر ڳالهه کان واقف ڪرايو وڃي!

**جوَهراڻي:** **سنڌين جو مکيه ڪاروبار ڪهڙو آهي، ڪهڙي فن ۾ وڌيڪ ماهر آهن؟**

**قاضي:** هر قسم جو ڪاروبار آهي، هر فن ۾ اڳيان آهن. اِنڊسٽري هجي، واپار هجي، زميندار ي هجي، ميڊيا هجي يا ٽيچنگ هجي.

**جوَهراڻي:** **سنڌ ۾ تعليم جي ڪيتري اَهميت آهي؟نياڻين جي پڙهائيءَ تي ڌيان ڏنو وڃي ٿو؟**

**قاضي:** سائين! هر هنڌ تعليم جي ميدان ۾ ترقي ٿي رهي آهي! جيئن ڪالهه مون هتي پڙهيو ته ڪٽي ٻيڙيءَ ۾ به اِسڪول ٺاهيو ويو آهي ته جيئن اُتي به ٻار پڙهايا وڃن؛ تيئن هُتي سنڌ ۾ به اَهڙا ئي قدم

ڪنيا پيا وڃن. نياڻين جي پڙهائيءَ کي وڌائڻ لاءِ تہ مائٽن کي Incentives بہ ڏنا ويا وڃن.

**جوَهراڻي:** **هر پيڙهي، ايندڙ پيڙهيءَ کي پنهنجي سيڪيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو ورثو ڏيئي ويندي آهي؛ پر اَڄ جي پيڙهي پنهنجن ٻارڙن کي ڇا ڏيندي؟**

**قاضي:** اَسان ۾ Grow ڪرڻ جو مادو آهي. ڪهڙين بہ ڏکين حالتن ۾ اَسين Struggle ڪندا آهيون. تڏهن اهو ئي پيغام اَسان جي ايندڙ پيڙهين کي ملندو تہ جيئن ڏکين حالتن ۾ بہ اَسان Grow ڪيو، تيئن جيڪڏهن هنن جي سامهون Challenges اَچن، تڏهن هوُ بہ ساڳئي نموني همت سان منهن ڏين.

**جوَهراڻي:** **توهان سان ملاقات ٿي ۽ سنڌ جي سنڌي پائرن، پينرن جي ڪاميابين، نوجوانن جي سنڌيت ۾ رُچي ۽ تعليم جي اَهميت واري احساس جون ڳالهيون ٻڌي اَسان کي بہ خوشي ٿئي ٿي!مهرباني!**

**قاضي:** مهرباني!